SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2017

# SINDH ACT NO.IX OF 2017

# جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017

# THE JACOBABAD INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES (AMENDMENT) ACT, 2017

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 3 جي ترميم 2013

Amendment of Section 3 of Sindh Act No.XIX of 2013

3.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 4 کي ختم ڪرڻ 2013

Omission of section 4 of Sindh Act No.XIX of 2013

4.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 5 جي ترميم 2013

Amendment of Section 4 of Sindh Act No.XIX of 2013

5.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 7 جي ترميم 2013

Amendment of Section 7 of Sindh Act No.XIX of 2013

2013.6 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act No.XIX of 2013

2013.7 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعه 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act No.XIX of 2013

2013.8 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعه 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of Sindh Act No.XIX of 2013

2013.9 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعه 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of Sindh Act No.XIX of 2013

2013.10 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعه 13 جي ترميم

Amendment of Section 13 of Sindh Act No.XIX of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 2017

# SINDH ACT NO.IX OF 2017

# جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017

# THE JACOBABAD INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES (AMENDMENT) ACT, 2017

[12 اپريل 2017]

ايڪٽ جنهن ذريعي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act No.XIX of 2013

2. جيڪب آباد ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 3 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي.

”(1) ادارو جنهن کي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سڏيو ويندو جيڪب آباد ۾ قائم ڪيو ويندو.“

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعه 4 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 4 of Sindh Act No.XIX of 2013

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعه 4 کي ختم ڪيو ويندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 5 ۾ شق (vi) کانپوءِ هيٺين شامل ڪئي ويندي:

”(vi_i) ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيون تعليمي سندون اهڙن ماڻهن کي ڏيڻ يا اعزاز ڏيڻ جن بيان ڪيل شرطن موجب امتحان پاس ڪيو آهي.

| | |
|---|---|
| (vi_ii) کنهن يونيورسٽي سان الحاق ڪرڻ ۽ ميڊيڪل ادارن جو الحاق ختم ڪرڻ ۽ الحاق ڪيل يا الحاق چاهيندڙ ڪاليجز ۽ ٻين تعليمي ادارن جي جاچ ڪرڻ.“ | No.XIX of 2013 |
| 5. چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ ”گورنر“ لاءِ لفظ ”وڏو وزير“ متبادل ڀڻايو ويندو. | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعہ 7 جي ترميم<br>Amendment of Section 7 of Sindh Act No.XIX of 2013 |
| 6.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:<br>”(1) اداري جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا معاملا بورڊ وٽ رهندا، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو: | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعہ 8 جي ترميم<br>Amendment of Section 8 of Sindh Act No.XIX of 2013 |

| | |
|---|---|
| (i) صحت وارو وزير يا جيڪڏهن صحت وارو وزير ناهي تہ حڪومت طرفان نامزد ڪيل ڪابينا جو ميمبر | چيئرمين |
| (ii)صحت وارو سيڪريٽري | وائيس |

| | |
|---|---|
| | چيئرمين |
| (iii)سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيل صوبائي اسيمبلي سنڌ جا چار ميمبرز | ميمبر |
| (iv)ماليات وارو سيڪريٽري يا سندس نمائندو جيڪو بي ايس-19 جي رينڪ کان گهٽ نہ هوندو. | ميمبر |
| (v) رجسٽرار شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو | ميمبر |
| (vi) ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊويزن، سندس غير موجودگي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد | ميمبر |
| (vii) هڪ پروفيشنل جنهن جو ميڊيڪل سائنسز جي ميدان ۾ جوڳو حصو هجي، جيڪو قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ڄاتل سڃاتل هجي (حڪومت طرفان نامزد ڪيو ويندو) | ميمبر |
| (viii) عدليہ جو ميمبر جيڪو هاءِ ڪورٽ سنڌ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو | ميمبر |
| (ix) ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن سکر | ميمبر |

| | |
|---|---|
| (x) رجسترار ڪاليج آف فزيشن اينڊ سرجنز آف پاڪستان (سي پي ايس پي) | ميمبر |
| (xi) چيمبر آف ڪامرس جيڪب آباد جو صدر | ميمبر |
| (xii) جيڪب آباد جي پرپاسي وارن علائقن مان انسان دوست سرگرمين ۾ ڄاتل سڃاتل ٻه شهري حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا | ميمبرز |
| (xiii) صحت کاتي جو اسپيشل سيڪريٽري | ميمبر |
| (xiv)پاڪستان ايئر فورس شهباز بيس جيڪب آباد جو آفيسر ڪمانڊنگ يا سندس نمائندو جيڪو گروپ ڪيپٽن جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو. | ميمبر |
| (xv) ڊائريڪٽر | ميمبر / سيڪريٽري |

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of Section 9 of Sindh Act

7. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 9 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ شق (viii) کانپوءِ هيٺين شامل ڪئي ويندي:

”(ix) اداري جي سمورن يا ڪجهہ حصي جي انتظامن ۽ خدمتن کي پورو ڪرڻ لاءِ نجي سيڪٽر جي ادارن سان معاهدي ۾ شامل ٿيڻ.“.

No.XIX of 2013

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Act No.XIX of 2013

8. جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 10 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:
”(1) بورڊ گهٽ ۾ گهٽ ٽہ ماهي ۾ هڪ دفعو گڏجاڻي ڪندو گهٽ ۾ گهٽ ٽن مهينن جي وقفي سان اهڙين تاريخن تي جيڪي ڊائريڪٽر طرفان چيئرمين جي مشاورت سان طئي ڪيون وينديون.“.

(ii) ذيلي دفعہ (6) کانپوءِ هيٺين شامل ڪئي ويندي:
”(7) نامزد ڪيل ميمبر جي آفيس خالي ٿي ويندي جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا جوڳي سبب يا غير حاضري جي موڪل جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ حاضر ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو.“.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 11 جي ترميم
Amendment of Section 11 of Sindh Act No.XIX of 2013

9. جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 11 ۾ هيٺيون شرطيہ بيان ختم ڪيو ويندو.

”بشرطيڪ اهو تہ ضلعي هيڊڪوارٽر جيڪب آباد جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جو عهدو رکندڙ شخص هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ اداري جو پهريون ڊائريڪٽر هوندو.“.

10.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 13 ۾، ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

”(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل اداري جي پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز تي مشتمل هوندي، جيڪي انهن منجهان ٻن سالن جي عرصي لاءِ چيئرمين چونڊيندا ۽ هڪ شاگرد نمائندو اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيو ويندو.“.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعہ 13 جي ترميم
Amendment of Section 13 of Sindh Act No.XIX of 2013

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**